Daily
AWAMI SOACH
Karachi
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | اڱارو 24 نومبر 2026ع بمطابق 13 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 43

100 ارب رپين کان وڌيڪ جا قرض شهرين کي ملڻ جو سنگ ميل عبور، پروگرام عوامي ڀلائي جي ويزن جو عملي اظهار آهي: عطاءُ الله تارڙ

اهو پروگرام عوامي ڀلائي جي ويزن ۽ موثر پاليسي سازي جو نتيجو آهي جنهن تحت سمورين ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو آهي

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت 100 ارب رپين کان وڌيڪ قرضن جي فراهمي جو سنگ ميل عبور ڪرڻ جي حوالي سان سومر ڏينهن جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ منعقد تقريب کي خطاب

ان پروگرام جي ڪاميابي جي لاءِ ڪيترائي اجلاس منعقد ڪيا ويا، اڄ جي تقريب ۾ پوري پاڪستان مان آيل اهي غيرتمند پاڪستاني به موجود آهن جن وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت پنهنجي گهر جو خواب پورو ڪيو

اسان وٽ اهو تصور ڏنو ويندو هو ته مرد گهر جي تعمير ڪري ٿو عورت ان کي گهر ناهي ٿي اسان جون ڪيتريون ئي ڀينرون اهڙيون آهن جن نه رڳو گهر تعمير ڪيو پر ان کي هڪ مڪمل گهر جي شڪل پڻ ڏني

اڄ جي هن پروگرام جو انعقاد سازگار ماحول ۽ موثر پاليسي جو نتيجو آهي. وزيراعظم ان پروگرام جي لاءِ سمورين ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو آهي

اهوئي سبب آهي جو پروگرام جا بينيفيشرين، بينڪرز، ڊيولپرز، بلڊرز ۽ اسٽيٽ بئنڪ جا نمائندا اڄ هڪ جڳهه تي موجود آهن وزيراعظم جي عوامي ڀلائي جي ويزن تحت عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پاليسيون جوڙيون وڃن ٿيون

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته وزيراعظم پنهنجو گهرو پروگرام تحت شهرين کي 100 ارب رپين کان وڌيڪ جي قرضن جي فراهمي جو سنگ ميل عبور ڪيو ويو آهي، اهو پروگرام عوامي ڀلائي جي ويزن ۽ موثر پاليسي سازي جو نتيجو آهي جنهن تحت سمورين ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو آهي. وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

وڙهندا ۽ نفرت پکيڙيندا رهياسين ته بحرانن کي منهن نه ڏئي سگهنداسين، نوجوان حساب وٺندا: بلاول ڀٽو

جيڪو به ري سيٽ ٿيندو، اهو جمهوري هوندو، سياستدان پاڻ مايوس ٿيندا ته عوام جو نظام تي اعتماد ڪيئن بحال ٿيندو؟ ملڪ جو ٻچو ٻچو ڪرپشن کان نفرت ڪري ٿو

نوجوان اهڙو پاڪستان چاهين ٿا، جتي ڪرپشن نه هجي، ملڪ جي نوجوانن جو نظام تي اعتماد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي ۾ سنڌ يوٿ ڪارڊ جي افتتاحي تقريب کي خطاب

سياستدانن کي عوام جو اعتماد ۽ اميد برقرار رکڻي پوندي. اهڙو نظام جوڙڻو پوندو، جيڪو ڪرپشن جا رستا بند ڪري. عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ نظام کي بهتر بڻائڻو پوندو

جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ڪرپشن جا رستا بند ڪرڻا پوندا، نظام ۾ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي شفافيت آڻڻي پوندي ۽ عوام کي بنا ڪنهن تڪليف جي سهولتون فراهم ڪرڻ وارو نظام جوڙڻو پوندو

خطرناڪ مهانگائي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻو پوندو، قومي مفاد خاطر اختلاف هڪ پاسي رکڻا پوندا، ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي يڪجهتي ضروري آهي

حڪمرانن جي ذميواري آهي ته نفرت ۽ ورهاست واري سياست ڇڏي ڏين پارليامينٽ جي بالادستي بحال ڪرڻي پوندي ۽ عدليه تي عوام جو اعتماد بحال ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيڪو به ري سيٽ ٿيندو، اهو جمهوري هوندو، سياستدان پاڻ مايوس ٿيندا ته عوام جو نظام تي اعتماد ڪيئن بحال ٿيندو؟ ملڪ جو ٻچو ٻچو ڪرپشن کان نفرت ڪري ٿو، نوجوان اهڙو پاڪستان چاهين ٿا، جتي ڪرپشن نه هجي، ملڪ جي نوجوانن جو نظام تي اعتماد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي ۾ سنڌ يوٿ ڪارڊ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي گهرو وزير جي ملاقات

ملاقات ۾ گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم کي امن امان جي صورتحال تي بريفنگ ڏني

ملاقات ۾ موجوده ملڪي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ملاقات ڪئي. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم کي امن امان جي صورتحال تي بريفنگ ڏني. ملاقات ۾ موجوده ملڪي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي.

****

پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ عدالتي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ عدالتي تعاون جي معاهدي تي صحيحن واري تقريب وفاقي راڄڌاني ۾ منعقد ٿي

جنهن ۾ پاڪستان ۽ ترڪيه جي اعليٰ عدالتن جي وچ ۾ اداره جاتي رابطا مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ عدالتي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ مفاهمتي يادداشت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ عدالتي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون وڃن

چونڊ سڌارن لاءِ برابر نمائندگي ڏني وڃي: بيرسٽر گوهر علي

پي ٽي آءِ باني عمران خان جي صحت بابت ڪين وڏا خدشا آهن، سندن مطالبو آهي ته سندس صحت تي سياست نه ڪئي وڃي

سپريم ڪورٽ جو به حڪم آهي ته عمران خان جو علاج ڪرايو وڃي، شفا اسپتال ۾ علاج ٿئي ۽ ميڊيڪل بورڊ جوڙيو وڃي

خاندان سان ملاقات ۽ ذاتي ڊاڪٽر جي سهولت بابت به عدالتي حڪم موجود آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته چونڊ سڌارن جي معاملي ۾ سيني ڌرين کي برابر نمائندگي ڏني وڃي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بيرسٽر گوهر علي خان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

پ پ ڪي پي جي گورنر کي تڪراري نه بڻائي: طارق فضل

فيصل ڪريم ڪنڊي جو وفاقي حڪومت سان گڏجي ڪم ڪرڻ آئيني ۽ انتظامي ضرورت آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا جي گورنر کي بااختيار بڻائي رهي آهي. طارق فضل چوڌري

تازو آرڊيننس گورنر کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ بابت حڪومت جي عزم جو ثبوت آهن

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پيپلز پارٽي خيبرپختونخوا جي گورنر جي آئيني ڪردار ۽ وفاق سان رابطن کي تڪراري نه بڻائي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته فيصل ڪريم ڪنڊي جو وفاقي حڪومت سان گڏجي ڪم ڪرڻ آئيني ۽ انتظامي ضرورت آهي. وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا جي گورنر کي بااختيار بڻائي رهي آهي. طارق فضل چوڌري جي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسماعيل راهو پاران لاڙ ڪيمپس بدين کي يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ جو اعلان

سنڌ حڪومت صوبي ۾ معياري تعليم جي فراهمي ۽ اعليٰ تعليمي ادارن جي ترقي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي: اسماعيل راهو

تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪئي

شاگردن پاران تيار ڪيل مختلف منصوبا ۽ تخليقي پروجيڪٽس سندن محنت، صلاحيتن ۽ ذهانت جو واضح ثبوت آهن

نوجوانن کي اعتماد سان پنهنجون صلاحيتون پيش ڪندي ڏسي خوشي ٿي آهي

بدين (رپورٽر) سنڌ جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو لاڙ ڪيمپس بدين کي يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ معياري تعليم جي فراهمي ۽ اعليٰ تعليمي ادارن / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

بدين: صوبائي وزير اسماعيل راهو تقريب کي خطاب ڪندي

نوشهروفيروز ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهوٽ جو پيءُ قتل

نوجوان غلام مجتبيٰ تگڙ تي ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪئي هئي

ڪنوار جي مائٽن ڳوٺ تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ ابڙان پرسان ڳوٺ تي هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نوجوان جو پيءُ قتل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

گڏيل قومن جي موسمياتي ڪانفرنس ۾ اختلافن سبب معاهدو نه ٿي سگهيو

آخري معاهدو يورپي يونين، پئسفڪ ٻيٽن جي ملڪن ۽ ٻين لاءِ قبولڻ جوڳو نه هو ڇاڪاڻ ته ان ۾ فوسل فيولز جو سڌو سنئون ذڪر نه ڪيو ويو

امير ملڪن طرفان وڌندڙ گرمي پد جي اثرن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن سان مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪا واضح مالي مدد ڏيڻ جو واعدو موجود نه هو

آخري ڀيرو ڪنهن COP ڪانفرنس جو مڪمل سياسي معاهدو اهڙي طرح 2009ع ۾ ڪوپن هيگن ۾ ناڪام ٿيو هو

ڪراچي (م د) ترڪيه ۾ گڏيل قومن جي COP31 موسمياتي ڳالهين دوران فوسل فيولز ۽ مالي معاملن تي سخت اختلاف سامهون اچڻ ڪان پوءِ دنيا جا مختلف ملڪ موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن وڏي نئين معاهدي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي

ايف آءِ اي نوابشاهه جي ڪارروائي، ويزا فراڊ جو جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدار محمد اجمل سعودي عرب ۾ ملازمت ۽ روزگار ڏيارڻ جي نالي تي شهرين سان مبينا فراڊ ۾ ملوث هو

ڪراچي (رپورٽر) ايف آءِ اي ڪمپوزٽ سرڪل شهيد بينظيرآباد جي عملي راولپنڊي ۾ ڪارروائي ڪري سعودي عرب ۾ ملازمت جو ويزا ڏيا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سنڌ يوٿ ڪارڊ جو افتتاح، نوجوانن کي آسان شرطن تي قرض ڏنو ويندو: مراد علي شاهه

هي نوجوانن کي صوبي جي ترقياتي ايجنڊا جي مرڪز ۾ رکڻ جو هڪ عملي عزم آهي سنڌ ۽ پاڪستان جو مستقبل انهن موقعن تي دارومدار رکي ٿو جيڪي اسان اڄ پنهنجن نوجوانن لاءِ پيدا ڪريون ٿا

هي منصوبو رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن معاشي حالتن يا سماجي پسمنظر بدران ذات، قابليت ۽ ارادا نوجوانن لاءِ دستياب موقعن جو فيصلو ڪن

اهي رڳو سياڻپ جا اکراڻ ناهن: اهي اڄ به ترقي، جدت ۽ تبديلي جي هڪ اهم قوت آهن سنڌ يوٿ ڪارڊ اسان جي عزم جو هڪ عملي اظهار آهي. هي رڳو هڪ ڪارڊ کان گهڻو وڌيڪ آهي

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ يوٿ ڪارڊ کي هڪ روايتي ڪارڊ کان گهڻو وڌيڪ قرار ڏيندي چيو ته هي نوجوانن کي صوبي جي ترقياتي ايجنڊا جي مرڪز ۾ رکڻ جو هڪ عملي عزم آهي. هن چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان جو مستقبل انهن موقعن تي دارومدار رکي ٿو جيڪي اسان اڄ پنهنجن نوجوانن لاءِ پيدا ڪريون ٿا. / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

لاهور: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان مسلم ليگ ق جو سربراهه ملاقات ڪندي

لڪي مروت: پوليس موبائل پرسان ڌماڪو، 4 اهلڪار زخمي

زخمي اهلڪارن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جتي ڪين طبي امداد ڏني پئي وڃي

واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي

لڪي مروت (م د) لڪي مروت ۾ ٿاڻي صدر جي پوليس موبائل پرسان ريموٽ ڪنٽرول ڌماڪي جي نتيجي ۾ 4 اهلڪار معمولي زخمي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

بهاولپور ۾ خوفناڪ حادثو، 7 ڄڻا فوت، 2 زخمي

ريسڪيو 1122 موجب روڊ جي ڪپ تي بيٺل مني ٽرڪ ملتان پٺرن سان پريل ٽرڪ ڪلٽي ٿي پئي

جنهن جي نتيجي ۾ ست ڄڻا فوت ۽ ٻه زخمي ٿي پيا

بهاولپور (م د) بهاولپور جي خيرپور ڏاهه ويجهو خوفناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ 7 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو 1122 موجب روڊ جي ڪپ ت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

بنون: ڊوميل ڪمپني روڊ تان ٽن ڄڻن جا لاش هٿ

ٽنهي ڄڻن کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو. لاش خليفه گلنواز ٽيچنگ اسپتال منتقل ڪيا ويا

لاشن جي سڃاڻپ جو عمل شروع ڪيو ويو واقعي جي جاچ پڻ جاري آهي

بنون (م د) بنون جي ڊوميل ڪمپني روڊ تان ٽن ڄڻن جا لاش هٿ آيا آهن. پوليس موجب ٽنهي ڄڻن کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو. لاش خليف/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

آمريڪي صدر ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر ميڊيا سان ڏمرجي پيو

"توهان آهيو ڪير؟ توهان بدتميز عورت آهيو ۽ توهان کي پوئين قطارن ۾ هجڻ گهرجي ها

آمريڪي صدر جي رويي تي هڪ اخبار لکيو آهي ته شايد ئي ڪو ڏينهن گذرندو هجي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر ميڊيا سان ڏمرجي پيو. هن ڀيري هڪ خانگي ٽي وي چينل جي عورت رپورٽر جي سوال تي ڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ٻارن جي سوشل ميڊيا استعمال ۽ هراسان ڪرڻ جو معاملو، رپورٽ طلب

ايڊيشنل اٽارني جنرل راشد حفيظ پاران جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وڌيڪ مهلت ڏيڻ جي درخواست منظور

عدالت وفاقي حڪومت کي رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ هڪ مهيني جو وقت ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻارن پاران سوشل ميڊيا جي استعمال، آن لائن هراسان ڪرڻ ۽ بليڪ ميلنگ بابت ڪيس ۾ وفاقي حڪو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ پيٽروليم ۽ گيس جو اجلاس ٿي رهيو

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان پرتگال جو پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

اسحاق ڊار ۽ پرتگال جي پرڏيهي وزير پائولو رينجل جي وچ ۾ وفدن جي سطح تي ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سومر ڏينهن هتي پرڏيهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

سون جي اگهه ۾ لاٽ ڪانپوءِ وڏو اضافو

ڪراچي (رپورٽر) سون جي اگهه ۾ لڳاتار لاٽ ڪانپوءِ اوچتو وڏو اضافو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي پرتگال جي پرڏيهي وزير سان ملاقات، ٻطرفن لاڳاپن کي مضبوط بنائڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ پرتگال جي پرڏيهي وزير پائولو رينجل پاڪستان ۽ پرتگال وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

ملاقات دوران پرتگال ۾ رهندڙ پاڪستاني ڪميونٽي جي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجهن لاڳاپن جي فروغ لاءِ ڪردار کي ساراهيو ويو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سنڌ يوٿ ڪارڊ کي هڪ متحد پليٽ فارم طور تيار ڪيو ويو آهي: منور علي مهيسر

جيئن صوبي جي نوجوان آبادي لاءِ مختلف موقعن ۽ خدمتن کي هڪ ڊجيٽل سڃاڻپ هيٺ آندو وڃي

تعليمي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين سان پائيداري قائم ڪرڻ لاءِ کاتي جي ڪوششن تي روشني وڌي

ڪراچي (رپورٽر) رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ يوٿ ڪارڊ کي هڪ متحد پليٽ فارم طور تيار ڪي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

مديني کان ملتان ويندڙ اڏام ۾ 80 ورهين جو مسافر فوت

ڪراچي (رپورٽر) خانگي ايئرلائن جي مديني کان ملتان ويندڙ اڏام پي ايف 763 ۾ 80 ورهين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سردار محمد بخش خان مهر نوجوان ڪارڊ سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ تاريخي ڏينهن قرار

هي منصوبو رڳو هڪ ڪارڊ جاري ڪرڻ بابت ناهي پر موقعن، بااختيار بڻائڻ ۽ خوشحالي جو هڪ نئون دروازو کولڻ آهي

سنڌ حڪومت نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ جي پنهنجي عزم کي عملي موقعن ۾ تبديل ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪراچي: وفاقي وزير ڄام ڪمال خان ميڊيا سان ڳالهائيندي

نقوي جي شجاعت سان ملاقات، انتظامي يونٽن بابت خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات ۾ اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي ۽ نون صوبن جي قيام بابت معاملن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي

نون صوبن جو قيام سڌو سنئون عوامي سهولت، بهتر حڪمراني، انتظامي ڪارڪردگي ۽ ملڪ جي مستقبل سان لاڳاپيل آهي: چوڌري شجاعت حسين

انتظامي يونٽن کي مضبوط ۽ بااختيار بڻائڻ به هڪ اثرائتو رستو ٿي سگهي ٿو

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي مسلم ليگ (ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت حسين سان سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي. جنهن دوران ملڪ جي مجموعي صورتحال، امن امان ۽ حڪومتي قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

ڪراچي جي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ ڪارروائي 300 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن ۾ زين العابدين، شايان، اڪبر عرف شاني ۽ راشد رشيد شامل آهن

جوابدارن جي قبضي مان پنج پستول، هڪ ريپيٽر، هڪ ٻارهن بور رائفل سميت ايمونيشن، قريب 39 موبائيل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي

غير قانوني هٿيار رکڻ، موٽر سائيڪلون، موبائيل فون ۽ نقدي ڦرڻ جي 300 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪراچي جي علائقي ميمڻ ڳوٺ ۾ ڪارروائي ڪندي ڏاڙي ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي 300 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ترجمان پاڪستان ر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ريفرنڊم جو سخت مخالف آهيان، سنڌ بابت آخري فيصلو اسيمبلي ڪري چڪي آهي: نثار کهڙو

ملاقات ۾ 29 نومبر جي ريلي، نون صوبن ۽ انتظامي يونٽس قائم ڪرڻ سميت اهم سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

حڪومتي وفد ۾ نثار احمد کهڙو جي صدارت ۾ صوبائي وزيرن سيد ناصر حسين شاهه، ضياءُالحسن لنجار ۽ سينيٽر وقار مهدي شامل هئا

اسان متحده کان تاريخ تبديل ڪرڻ جي درخواست ڪئي، سياسي پارٽيون جيڪو به ڪن فيصلو آئين جو هوندو: نثار احمد کهڙو

جيڪڏهن هن ملڪ ۾ آئين آهي ته اسان جو فيصلو مڃيو ويندو، قادر مگسي به ڪنهن ري ايڪشن ۾ ريلي ڪڍي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي وفد سنڌ جي اپوزيشن اڳواڻ جي چيمبر ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ 29 نومبر جي ريلي، نون صوبن ۽ انتظامي يونٽس قائم ڪرڻ سميت اهم سياسي معاملن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي: پ پ وفد سان اپوزيشن اڳواڻ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا اڳواڻ ملاقات ڪندي

مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي ٽرائل ۾ مسلسل دير خلاف مقتول جي والده وجيهه عامر جي درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي ٽرائل ۾ مسلسل دير خلاف/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شير شاهه سوري روڊ جي ڪمرشل حيثيت منسوخ ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شير شاهه سوري روڊ جي ڪمرشل 3 حيثيت منسوخ ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي تي عدالت جواب ج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

پوليس هٿان گرفتار زخمي جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ هٿ

گرفتار جوابدار نادر شاهه اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي

سندس خلاف اڳ به سنگين نوعيت جا ڪيترائي ڪيس داخل آهن

ڪراچي (رپورٽر) بوٽ بيسن پوليس گذريل رات گرفتار ڪيل زخمي جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ حاصل ڪري ورتو آهي. پوليس موجب گرفتا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسڪيم 33 ۾ 8 ايڪڙ تڪراري زمين تان قبضو ختم ڪرائڻ واري معاملي تي پوليس ۽ لاڳاپيل عملدارن جي عدم تعاون جي رپورٽ سينيئر سول جج ملير جي عدالت ۾ جمع

ڪراچي (رپورٽر) اسڪيم 33 ۾ 8 ايڪڙ تڪراري زمين تان قبضو ختم ڪرائڻ واري معامل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بئنچ 24 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بئنچ 24 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لڪي مروت ۾ ٿاڻي صدر پوليس وين تي آءِ اي ڊي ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٻن اهلڪارن سميت پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا

لڪي مروت (رپورٽر) لڪي مروت ۾ ٿاڻي صدر پوليس وين تي آءِ اي ڊي ڌماڪي جي نتيج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

عدالت منشيات جي ڪيس ۾ جوابدارا انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي صوبائي ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس عدالت منشيات جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

گيس پيدا ڪندڙ ضلعن جي مقامي ماڻهن کي گيس جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي: ڄام سيف الله ڌاريجو

سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ پيٽروليم ۽ گيس جو اجلاس سينيٽر ڄام سيف الله خان ڌاريجو جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو

جنهن ۾ آئل اينڊ گيس ڪمپنين جي سربراهن، لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز، ڊويزنل ڪمشنرز، ڊپٽي ڪمشنرز ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

سڄي ملڪ ۾ جن علائقن مان پيٽروليم ۽ قدرتي گيس حاصل ڪئي وڃي ٿي، اتان جي مقامي رهواسين کي انهن قدرتي وسيلن جو سڌو سنئون فائدو پهچڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ پيٽروليم ۽ گيس جو اجلاس سينيٽر ڄام سيف الله خان ڌاريجو جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ آئل اينڊ گيس ڪمپنين جي سربراهن، لاڳاپيل اسٽيڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

اڱارو 24 نومبر 2026ع بمطابق 13 جمادي الثاني 1448هه

سنڌ جي وحدت جو عوامي ريفرنڊم

سنڌ جي وحدت، تاريخي سڃاڻپ، وسيلن ۽ آئيني حقن بابت سنڌ جي عوام جو موقف هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچيءَ جي روڊن تي گونجي اٿيو آهي. 22 نومبر تي جيئي سنڌ رهبر ڪميٽيءَ جي سڏ تي ڪراچيءَ ۾ ڪڍيل وحدت سنڌ مارچ سنڌ جي ورهاڱي خلاف عوامي ريفرنڊم جي صورت ۾ سياسي پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هزارين نوجوانن، مردن ۽ عورتن شرڪت ڪري سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪيو. ڪراچي پريس ڪلب ڀاهران سنڌين جو سمنڊ اٿلي پيو، هر طرف ڳاڙها جهنڊا جرڪندا رهيا ۽ شرڪت ڪندڙن سنڌ جي ورهاڱي خلاف نعرا هڻي پنهنجي سياسي ۽ عوامي موقف جو اظهار ڪيو. شهر جي مختلف علائقن ۾ ريليءَ کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽون وڌيون ويون، پر شرڪت ڪندڙن پرامن انداز ۾ انهن رڪاوٽن کي پار ڪندي پريس ڪلب تائين پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو. شاهراهه فيصل، ريگل چوڪ ۽ ٻين رستن تان ريليءَ جي صورت ۾ پريس ڪلب پهتل ماڻهن جي وڏي انگ ان ڳالهه کي ظاهر ڪيو ته سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ حقن بابت سياسي بحث هاڻي رڳو جماعتن ۽ اڳواڻن تائين محدود نه رهيو آهي، پران ۾ عوام جي مختلف طبقن جي شرڪت پڻ وڌي رهي آهي. اڄوڪي مارچ کي به سنڌ جي ورهاڱي خلاف عوامي موقف جي اظهار ۽ سياسي ريفرنڊم طور پيش ڪيو ويو، جنهن جو بنيادي پيغام اهو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي وحدت، تاريخي سڃاڻپ ۽ قومي حيثيت بابت ڪنهن به اهڙي فيصلي کي قبول نه ڪيو ويندو، جيڪو سنڌ جي عوام جي رضامنديءَ کانسواءِ مڙهيو وڃي. ريليءَ کي خطاب ڪندي قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته سنڌ جي گهر گهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر جا ماڻهو سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجو فيصلو ٻڌائي چڪا آهن. نوجوانن کي اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي تاريخ، ثقافت، وسيلن ۽ قومي حقن بابت شعور حاصل ڪري پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ جمهوري ۽ پرامن جدوجهد ۾ ڪردار ادا ڪن. هن سنڌ جي سمنڊ، سنڌو درياهه ۽ قدرتي وسيلن بابت خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ جي سمنڊ، درياهه ۽ ڪوئلي تي سنڌ جي عوام جو حق آهي، انهن وسيلن بابت ڪنهن به فيصلي ۾ مقامي ماڻهن جي حقن ۽ مفادن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. سنڌ جي وسيلن مان حاصل ٿيندڙ فائدن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اوليت ڏيڻ ۽ وسيلن جي استعمال بابت عوامي رضامندي ۽ آئيني حقن کي تسليم ڪرڻ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ بابت ڳالهائيندي چيو ته اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا پائر آهن ۽ انهن سان سنڌ جي ماڻهن جو ڪو به مسئلو ناهي. . جيئي سنڌ محاذ جي سربراهه رياض چانڊيو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف گذريل ڇهن مهينن کان جاري سازش جو سنڌ جي عوام اڄ پرامن مارچ ۾ وڏي انگ سان شرڪت ڪري ڀرپور جواب ڏئي ڇڏيو آهي. هن سنڌ جي عوام کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته مارچ ۾ عوام جي شرڪت اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ متحد آهن ۽ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ورهائڻ قبول نه ڪندا. رياض چانڊيو چيو ته سنڌ جي جاگرافيائي وحدت سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙڇاڙ برداشت نه ڪئي ويندي، سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪوشش خلاف عوام پنهنجو موقف واضح ڪري چڪو آهي. هن سنڌ ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ تي پڻ سخت تنقيد ڪندي چيو ته ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي، گئس، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ بهتر روڊن جهڙيون بنيادي سهولتون موجود ناهن، جڏهن ته سنڌ قدرتي وسيلن سان مالا مال صوبو آهي. سنڌ جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي، پران باوجود سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن جا ماڻهو بجليءَ جي فراهميءَ کان محروم آهن. سنڌس چوڻ هو ته سنڌ جي وسيلن مان حاصل ٿيندڙ آمدني ۽ فائدن ۾ سنڌ جي عوام کي اوليت ملڻ گهرجي ۽ اهي وسيلا سنڌ جي ترقي، بنيادي سهولتن ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجن. رياض چانڊيو واضح ڪيو ته سنڌ جي عوام جو احتجاج رڳو ورهاڱي خلاف ناهي، پر پنهنجي وسيلن تي اختيار، معاشي حقن، بجلي، پاڻي، روڊن ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پڻ آهي. سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ سان گڏ عوام جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ، غربت، محرومي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ کي ختم ڪرڻ حڪومتن جي ذميواري آهي. سنڌ اسيمبلي، جيڪا پاڪستان جي قيام جي حق ۾ قرارداد پاس ڪندڙ تاريخي اسيمبلي آهي، سا پڻ ڪيترن ئي موقعن تي سنڌ جي ورهاڱي، سنڌو درياهه تي نون ڪئنالن جي اڏاوت ۽ سنڌ جي مفادن خلاف مختلف پاليسين بابت قراردادون پاس ڪري چڪي آهي. ان باوجود وفاقي سطح تي اهڙن منصوبن ۽ رٿائن بابت بحث ۽ پاليسيءَ جو تسلسل سنڌ اندر بي اعتماديءَ کي وڌائي رهيو آهي. جڏهن صوبائي اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي ورهاڱي، پاڻيءَ جي حقن ۽ ڪئنالن بابت اعتراض ۽ قراردادون بار بار سامهون اچي چڪيون آهن، تڏهن وفاقي پاليسي ساز ادارن تي لازم بڻجي ٿو ته اهي سنڌ جي چونڊيل نمائندن ۽ عوام جي موقف کي سنجيدگيءَ سان ٻڌن، ڇاڪاڻ ته جمهوري وفاق ۾ صوبن جي رضامندي ۽ اعتماد کانسواءِ اهڙن حساس معاملن کي اڳتي وڌائڻ سياسي تضادن کي وڌيڪ گهرو ڪري سگهي ٿو. وفاق جي مضبوطي صوبن جي رضامندي، آئيني حقن جي احترام، برابريءَ واري سلوڪ ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورهاست سان ممڪن آهي، نه ڪي ڪنهن صوبي جي عوام جي خدشن کي نظرانداز ڪرڻ يا ان تي پاليسيون مڙهڻ سان. سنڌو درياهه سنڌ جي زراعت، معيشت، ماحوليات ۽ زندگيءَ جو بنيادي سرچشمو آهي. تنهن ڪري درياهه جي پاڻيءَ بابت ڪنهن به رٿا کي سنڌ جي پاڻيءَ جي حقن، منصفاڻي ورهاست ۽ ماحولياتي اثرن کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ اڳتي وڌائڻ سنڌ اندر بيچيني ۽ احتجاج کي وڌائي سگهي ٿو. سنڌ جي پاڻيءَ جو مسئلو رڳو زرعي پيداوار تائين محدود ناهي، پران جو تعلق لکين ماڻهن جي روزگار، آبادڪاري، ماحولياتي توازن، ڊيلٽا جي بقا ۽ سنڌ جي مستقبل سان آهي. تنهن ڪري پاڻيءَ بابت پاليسين ۾ سنڌ جي خدشن ۽ حقن کي نظرانداز ڪرڻ نه وفاقي هم آهنگيءَ لاءِ مناسب آهي ۽ نه ئي عوامي اعتماد جي بحاليءَ لاءِ. ساڳيءَ طرح سنڌ جي ورهاڱي يا نون انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ جي تاريخي جاگرافيائي وحدت کي متاثر ڪرڻ واري ڪنهن به تجويز کي ...

جمعيت علماءِ اسلام ۽ حڪومت وچ ۾ سياسي محاذ آرائي، اختلافن جو انت آخر ڪٿي ٿيندو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ ڪي اختلاف رڳو سياسي بيانن تائين محدود ناهن رهندا، پر وقت گذرڻ سان اهي وڏين سياسي ڇڪتاڻن جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. اڄ ملڪ ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ به اهڙي ئي صورتحال اختيار ڪندي نظر اچي رهي آهي. هڪ طرف مولانا فضل الرحمان حڪومت جي پاليسين ۽ ڪجهه فيصلن تي کليل تنقيد ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف حڪومتي حلقن پاران به پنهنجو موقف پيش ڪيو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ اهم سوال اهو آهي ته حڪومت ۽ جمعيت علماءِ اسلام وچ ۾ جاري سياسي محاذ آرائي آخر ڪٿي وڃي ختم ٿيندي؟ ڇا ٻئي ڌريون ڳالهين ذريعي پنهنجا اختلاف ختم ڪري سگهنديون يا ملڪ هڪ نئين احتجاجي سياست ڏانهن وڌي رهيو آهي؟ مولانا فضل الرحمان پاڪستان جي سياست ۾ هڪ اهم مذهبي ۽ سياسي اڳواڻ جي حيثيت رکن ٿا. سندن جماعت جو پارلياماني ۽ سياسي ڪردار ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل آهي. مختلف حڪومتن سان سياسي سهڪار ۽ اختلاف رکڻ جو تجربو رکندڙ جمعيت علماءِ اسلام هن وقت وفاقي حڪومت کان فاصلو اختيار ڪندي نظر اچي رهي ...

حڪومت خيبرپختونخوا ۾ امن امان ۽ دهشتگردي جي مسئلن کي اهم قرار ڏيندي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي اختلافن سان گڏ صوبائي خودمختياري، آئيني اختيارن ۽ امن امان جا اهم سوال پڻ سامهون اچن ٿا.

جمعيت علماءِ اسلام ۽ حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ ان وقت وڌيڪ نمايان ٿي، جڏهن مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه ...

بيروزگاري ۽ امن امان جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن سياسي جماعتون هڪ ٻئي خلاف مسلسل محاذ آرائي ۾ مصروف رهنديون ته ان جو نقصان آخرڪار عام شهري کي برداشت ڪرڻو پوندو. حڪومت جي ذميواري آهي ته اختلاف رکندڙ جماعتن سان سياسي برداشت جو مظاهرو ڪري، جڏهن ته مخالف ڌر جي جماعتن کي به پنهنجا مطالبا ...

وفاقي حڪومت لاءِ به هي وقت غور ڪرڻ جو آهي ته سياسي اختلافن کي انتظامي دٻاءُ يا سخت بيانن ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيتري اثرائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن سياسي جماعت خلاف قانوني شڪايت يا معاملو موجود آهي ته ان کي قانون موجب شفاف طريقي سان حل ڪيو وڃي. ڪنهن به سياسي اڳواڻ يا ڪارڪن خلاف ڪارروائي دوران قانون جي ...

تنوير عباسي، سنڌ جو منفرد اديب

حميد منگي

منفرد ليکڪ جي سولي معنيٰ، اهڙو ليکڪ جنهن جو ڪو ثاني يا متبادل نه هجي. انجي پنهنجي الڳ سڃاڻپ هجي يا اهو ٻين کان مختلف انداز ۾ لکڻ وارو هجي. انجي لکڻ جو اسلوب اهڙو هجي، جيڪو ٻين ۾ گهٽ نظر اچي، جيڪو ٻين ۾ گهلجي ته ليپي ٿئي، يا جيڪڏهن نظر اچي ٿو. ان ۾ جيڪي خوبيون آهن نه هجڻ برابر هجن. مطلب ته منفرد ليکڪ جي معنيٰ، اهڙو اديب جنهن جي لکڻين ۾ هڪ "الڳ سڃاڻپ" هجي. هتي اهو واضع ڪندا ٿا هلون ته منفرد هجڻ جو مطلب هرگز اڪيلو هجڻ ناهي، پر سوچ، خيال، لکڻ جي انداز ۾ ٻين کان الڳ هجڻ آهي. سنڌي ادب ۾ ڪيترائي اهڙا ليکڪ ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي سوچ، موضوعن، ٻوليءَ، اسلوب، ادبي خدمتن سبب الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي.

هونئن ته دنيا کي پڌائڻ يا ڏيکارڻ لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هڪ مثال ئي ڪافي آهي. جنهن اٽڪل 13 سئو سال اڳ اهڙي ته منفرد انداز ۾ شاعري ڪئي، جو ڪيس پاڻ سنڌي ته ڏهن صدين تائين ڪيس سڃاڻي به نه سگهياسين. جڏهن دنيا جي ٻين ڏاهن کي پڙهي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر قرار ڏنو. تڏهن پنهنجا وات پٽجي ويا. اڄ اسين ان جا وارث به سڏايون پيا. اهڙيءَ طرح ٿي سچل سرمست جي ستن ٻولين وارو ڪلام به اڄ تائين بحث جو موضوع بڻيل آهي ۽ ان تي به ڀٽائيءَ جيان تحقيقون هلندڙ آهن. اصل ۾ منفرد ليکڪن جو سلسلو اتي رڪيو ناهي. ته ئي رڪٽو آهي چو ته. شعور جو سفر شروع ٿي هاڻي ٿيو آهي. اهو ڊنگ ڪٿي ڪندو. ان جي ڪنهن کي به خبر ناهي. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻين منفرد اديبن جو سفر به جاري رهيو. جن ۾ ڪجهه نالا هي به شامل ...

بٹایا | عوامی سوچ | 01

شہرِ کراچی کا ٹرانسپورٹ نظام ایک بار پھر بدترین بحران کا شکار

شہر کراچی کا ٹرانسپورٹ نظام ایک بار پھر بدترین بحران کا شکار ہو گیا ہے۔ لاکھوں شہری روزانہ دفاتر، تعلیمی اداروں اور کاروبار کے لیے سفر کرتے ہیں، مگر انہیں ہر روز شدید مشکلات کا سامنا ہے۔ بسوں کی کمی، ٹوٹی پھوٹی سڑکیں اور ٹریفک جام نے عام آدمی کی زندگی اجیرن کر دی ہے۔ صبح اور شام کے اوقات میں تو حالت اور بھی خراب ہو جاتی ہے، جہاں گھنٹوں لوگ ایک جگہ سے دوسری جگہ پہنچنے کے لیے ترستے رہتے ہیں۔

شہریوں کا کہنا ہے کہ ٹرانسپورٹ کے نام پر جو سہولتیں موجود ہیں، وہ ناکافی اور غیر معیاری ہیں۔ کئی علاقوں میں پبلک ٹرانسپورٹ کا کوئی مؤثر نظام موجود ہی نہیں، جس کی وجہ سے لوگ مجبوراً نجی گاڑیوں یا مہنگے متبادل ذرائع کا سہارا لیتے ہیں۔ اس صورتحال نے نہ صرف عوام کی جیبوں پر بوجھ بڑھایا ہے بلکہ ماحول پر بھی منفی اثرات مرتب کیے ہیں۔

ماہرین کا کہنا ہے کہ اس بحران کی بڑی وجہ منصوبہ بندی کا فقدان اور ماضی میں کیے گئے غلط فیصلے ہیں۔ شہر کی آبادی کے تناسب سے ٹرانسپورٹ کے منصوبوں پر توجہ نہیں دی گئی، جبکہ جو منصوبے شروع کیے گئے وہ بھی تاخیر کا شکار ہو گئے۔ ان کا کہنا ہے کہ اگر فوری اور مؤثر اقدامات نہ کیے گئے تو یہ مسئلہ مزید سنگین شکل اختیار کر لے گا۔

دوسری جانب متعلقہ حکام کا مؤقف ہے کہ شہر کے مختلف حصوں میں نئی بسیں اور منصوبے زیرِ تکمیل ہیں اور جلد ہی عوام کو بہتر سہولتیں میسر ہوں گی۔ تاہم شہری ان وعدوں پر اعتماد کرنے کو تیار نہیں، کیونکہ ماضی میں بھی کئی بار ایسے ہی دعوے کیے گئے تھے جو پورے نہ ہو سکے۔

شہریوں کا مطالبہ ہے کہ حکومت فوری طور پر ایک جامع ٹرانسپورٹ پالیسی بنائے، جس میں عوامی ضروریات کو مدِنظر رکھا جائے۔ ان کا کہنا ہے کہ صرف اعلانات سے نہیں بلکہ عملی اقدامات سے ہی عوام کو ریلیف مل سکتا ہے۔ اب دیکھنا یہ ہے کہ ارباب اختیار اس سنگین مسئلے پر کب سنجیدگی دکھاتے ہیں۔

بٹایا | عوامی سوچ | 02

کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری

بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری

بٹایا | عوامی سوچ | 03

کراچی میں 2 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 2 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 04

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 05

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 06

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 07

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 08

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 09

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 10

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 11

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 12

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 13

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 14

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 15

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 16

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 17

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 18

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 19

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 20

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 21

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 22

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 23

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 24

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 25

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 26

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 27

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 28

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 29

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 30

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 31

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 32

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

بٹایا | عوامی سوچ | 33

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

کراچی میں 3 روزہ بین الاقوامی تجارتی نمائش کا آغاز

اتحلقی جو اظہار

متین ن اسان گوٹ علی صحبت حاتیار دبہ پاکھی تیو گازھم نقاضا گھوڑیاری ضلعہ نشو ہا رھواسی محمد یعقوب حاتیار، رسول بخش ابراہیم۔ خیر صحبت حاتیار، علی خان حاتیار و ہر عام ر خاص ماتھو کی اطلاع تا کہ یون نہ اسان ہی براہری، ہر دھگ گھر آگہی عام ولد مرحوم صحبت حاتیار، سندس ماتاشاھیران پاکر کراچی حاتیار، ارشاد حاتیار، ہ سندس پیرون فرزانا۔ بابرا۔ چکنی گوٹ جی چکن مومن و عزیزن جی طرف ماتھو ہ۔ جن و ناھن متاثرین سب گوٹ گوٹ دی ہر طرف ماتھو فان میار آھی۔ شہنشاہ گوٹھاں گڈیل بٹایا ۔ رمضان ۔ ہر دھگ ماتھو ہ۔ ہر اچ کانیو ماتیارا براہری، جی ماتھو جو ساتن ھگ ہر ولد ھوندا۔ ھی بیان رکارڈ نی رکھو جی نہ ہمیشن فرزانا۔ ارشاد حاتیار۔ ہ سندس ماشعہ: محمد یعقوب حاتیار۔ رسول بخش حاتیار۔ خیر صحبت حاتیار۔ علی خان حاتیار و ہیا گوہاں گوٹ علی محمد حاتیار دبہ پاکھی۔ اتحلقو گھوڑیاری۔ ضلعہ نشو

نمائندا گھرچن

ہرخبر تی نظر

روزانی عوامی سوچ کراچی چے سنڈ جی نندن وڈن شھرن مں رپورتر گھرچن صحافت سان دلچسپی رکنڈڑ اداری سان رابطو کرن۔

رابطی لاء:

03072308754_03003924502

کوشش جاری رکن جی عزر جو اظہار کیو نہ ٹھیرو۔ ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری

کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری کلب بلڑی شاہ کریم پھچہ میدیا آڈر کمپنی کا ڈیفنس چیپٹر کے زمین میں محکاری

بٹایا | عوامی سوچ | 34

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

بٹایا | عوامی سوچ | 35

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

بٹایا | عوامی سوچ | 36

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی ہر ھک صحبت سان لاڑ پرارمنس و ہ ہمیشہ ہی

درگاهه پير جنگ شاهي تي ايندڙ زائرين لاءِ ليٽرين ۽ واش روم جي سهولت نه هجڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو

درگاهه تي روزانو عورتون، ٻار، بزرگ ۽ مختلف شهرن کان زائرين حاضري لاءِ اچن ٿا

ليٽرين جي سهولت موجود نه هجڻ سبب کين سخت پريشانين ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

خاص طور تي عورتن ۽ بزرگ زائرين لاءِ اها صورتحال وڌيڪ ڏکيائي جو سبب بڻيل آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جنگشاهي شهر پرسان واقع تاريخي ۽ روحاني درگاهه پير جنگ شاهي تي ايندڙ زائرين لاءِ ليٽرين ۽ واش روم جي سهولت نه هجڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. درگاهه تي روزانو عورتون، ٻار، بزرگ ۽ مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1



زمين جي مڪادي تڪرار تان مبينا رقم واپس نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن جون دانهون

بُلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ عثمان سمون جي رهواسين اشفاق سمون ۽ سندس والد عبدالشڪور سمون پريس ڪلب بُلڙي شاهه ڪريم پهچي ميڊيا آڏو احتجاج

زمين جي مڪادي بابت تڪرار دوران هڪ مهينو اڳ چار لک رپيا سندن چاچي عبدالستار سمون کي ڏنا ويا هئا

اسد سمون، ارشاد سمون ۽ ڪجهه نامعلوم هٿياربند ماڻهن سان سندن تڪرار پيش آيو

بُلڙي شاهه ڪريم(رپورٽ، شهباز علي مگسي) زمين جي مڪادي تڪرار تان مبينا رقم واپس نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن جون دانهون. بُلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ عثمان سمون جي رهواسين اشفاق سمون ۽ سندس والد عبدالشڪور سمون پريس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ڪوٽ غلام محمد: يوسي جوريا سرون چيئرمين جي خالي سيٽ تي مڪاني چونڊ

اليڪشن ۾ پ پ پ چيئرمين ايڊووڪيٽ رافع ڏونڪائي 2171 ووٽ کڻي ڪامياب

پ پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي پاران پرڳڙي هائوس تي ڪاميابي جو جشن ملهايو ويو

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ عبدالحميد کوسو) ڪوٽ غلام محمد جي يونين ڪائونسل جوريا سرون ۾ 22 نومبر تي چيئرمين جي خالي سيٽ تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سنڌي ادبي سنگت سجاول طرفان نامور افسانه نگار ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار مشتاق ڪاملاڻي جو تعزيتي ميڙاڪو

ميڙاڪو سرويچ سجاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۾ ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت نامور شاعر اياز امر شيخ صاحب ڪئي

ڪمپيئرنگ زبير احمد جعفراڻي ڪئي پروگرام ۾ سجاول جي شاعرن اديبن فنڪارن باشعور شخصيتن شرڪت ڪئي

مشتاق ڪاملاڻي جي زندگي تي روشني وڌي وئي ۽ ان جي ڪهاڻين تي ڳالهايو ويو

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ)سنڌي ادبي سنگت سجاول طرفان نامور افسانه نگار ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار مشتاق ڪاملاڻي جو تعزيتي ميڙاڪو سرويچ سجاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۾ ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت نامور شاعر اياز امر شي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ "ڪي پرفارمنس انڊيڪيٽرز" بابت هڪ اهم اجلاس منعقد

جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪارن ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي مختلف برانچن جي انچارجز شرڪت ڪئي

اجلاس دوران گذريل ٽن مهينن ۾ آفيسرن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

جاري ترقياتي منصوبن جي نگراني ۽ عوامي مسئلن توڙي شڪايتن جي حل لاءِ ڪيل سرگرمين جو جائزو ورتو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ "ڪي پرفارمنس انڊيڪيٽرز" بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪارن ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي مختلف برانچن جي انچارجز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊاڪٽر رامچند سان ٿيل مبينا بدتميزي، تشدد ۽ ڪپڙا ڦاڙڻ واري واقعي تي پنهنجي سخت ڳڻتي ۽ شديد مذمت جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن (APCA)سنڌ جي اڳواڻ سينيئر نائب صدر عبدالڪريم پاند، ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي اشرف خشڪ ۽ ٻين جيڪب آباد سول اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر رامچند سان ٿيل مبينا بدتميزي، تشدد ۽ ڪپڙا ڦاڙڻ واري واقعي تي پنهنجي س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

اقليتن، عورتن، ٻارن، مزدورن سميت معاشري جي محروم طبقن جي حقن لاءِ هڪ اهم قومي ادارو آهي: الطاف حسين ٽيٽيو

اميد آهي ته نئين چونڊيل قيادت پنهنجون ذميواريون ايمانداري، غيرجانبداري ۽ مؤثر حڪمت عملي سان نڀائيندي

پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف مثبت ۽ مضبوط ڪردار ادا ڪندي

سنڌ جي پٺتي پيل ضلعن، خاص طور ضلعي ٺٽي ۾ انساني حقن جي حوالي سان ڪيترائي مسئلا موجود آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)هيومن رائيٽس ڊفينڊر آزاد الطاف حسين ٽيٽيو، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (HRCP)جي نئين چونڊيل قيادت، چيئرپرسن ناصر زيدي، منيزه جهانگير، محترمه عظميٰ نوراني ۽ سمورن چونڊيل عهديدارن کي دل ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ بابت آگاهي واڪ/ريلي

واڪ جي اڳواڻي سماجي ڀلائي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽرن ڪينراج سنگ، ڪيلاش ڪئي

ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن سول سوسائٽي ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز)جي نمائندن شرڪت ڪئي

ڪين پنڻ تي مجبور ڪرڻ ۽ ڪنهن به قسم جي تشدد يا استحصال جو نشانو بنائڻ هڪ سنگين سماجي مسئلو آهي

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو)ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر ۽ سماجي ڀلائي کاتي پاران مختلف سماجي تنظيمن جي گڏيل سهڪار سان اڄ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

غلام محمد جوڻيجو سراج سومرو ڪندن مالهي 30 نومبر تي يوم تاسيس جي حوالي سان ضلع ڪائونسل آفيس ۾ گڏجاڻي

اسان سڀ پاڪستان پيپلز پارٽي جي هڪ ئي جهنڊي هيٺ آهيون ۽ سدائين اسان پنهنجي پارٽي ۽ عوام جي خدمت ڪنداسين

تعلقي جي عهديدارن ذيلي ونگ جي عهديدارن ميونسپل ۽ ٽائون ڪاميٽين توڙي يونين ڪائونسلن جي چيئرمن جيالن ورڪرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ضلع ڪائونسل آفيس مٺي پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ضلع صدر ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو انجنيئر گيانچند ٽاراڻي راهول جيوڻ سنيٽر ڪرشنا ڪماري ڪملا ڀيل سمترا منجياڻي ڏاڏا آدم هنگورجو سمير ٽاراڻي غلام محمد جوڻيجو سراج سومرو ڪندن مالهي 30 نومبر تي يوم تاسيس جي حوالي سان ضلع ڪائون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

چيلهار واقعي ۾ قتل ٿيل پيءُ ۽ پٽ جي ڪيس اهم اڳڀرائي

گرفتار ٿيل 7 جوابدار عدالت ۾ پيش، چار ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

عدالت جوابدارن کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب چيلهار واقعي ۾ پيءُ ۽ پٽ جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٿيل 7 جوابدار کي جوڊيشل مئجسٽريٽ ون مٺي وقار حسين ڪٽي جي عدالت ۾ منهن ڍڪي هٿ ڪڙيون هٿي سخت پهري هيٺ پيش ڪيو وي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڪاڇي ۾ وڻن جي بي رحماڻي واڍي جاري، سنڌ هاءِ ڪورٽ جا حڪم به بي اثر

ڪاڻين جي واپار ۾ ماهوار ڀتي جو انڪشاف، روزانو لکين رپين جي وصولين جا الزام

روزانو لکين رپين جي مبينا وصولين جي ٻويان ڪير آهي؟ لاڳاپيل اختيارين انهن سوالن جا جواب ڏئي حقيقتون عوام آڏو آڻيندا يا نه

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه)سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪجهه عرصو اڳ ضلعي دادو جي ڪاڇي وارن علائقن ۾ وڻن جي غيرقانوني واڍي روڪڻ ۽ م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

جوهي ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ مير قادر گبول ۽ سندس ڀائرن احتجاجي مظاهرو

وڏيرن جي ورهاست ٿيل زمينن تي سئوٽ گڏجي قبضو ڪري آبادي ڪري رهيا آهن

منع ڪرڻ تان مون ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ غلام محمد گبول تي ڇٽن کان وڌيڪ هٿيار بندن حملو ڪيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) ايس ٽي پي اڳواڻ مير قادر گبول ۽ سندس ڀائرن مٺان گاجي شاهه ٿاڻي تي ڪوڙي ايف آءِ آر درج ڪرڻ تي ايس ايڇ او ڳا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

قربان علي پنهور جو عمري تان واپسي بعد اوچتو لاڏاڻو، شهر سوڳوار، لال هندي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

جنهن سبب پنهور برادري سميت سندس مٽن مائٽن ۽ دوستن، صحافين ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي

مڙهه کي دادو جي تاريخي لال هندي قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي معزز شخصيت، انسان دوست ۽ بهترين پوليس آفيسر، ٽائو اي سيڪشن دادو جي هيڊ محرر عرفان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

وفاقي وزير تعليم خالد مقبول صديقي پاران سنڌ جي يونيورسٽين جا فنڊ بند ڪرڻ کليل تعصب پرستي آهي: پ پ اڳواڻ

ڪيس عهدي تان هٽايو وڃي ڊاڪٽر شهناز سولنگي، سنڌ جي ورهاڱي ۽ تعليمي ادارن سان ناانصافي قبول ناهي

ڪنري (رپورٽر ذولفقار پٽي) پاڪستان پيپلزپارٽي اسلام آباد جي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر شهناز سولنگي عمرڪوٽ پريس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ لال هندي قبرستان ۾ پراڻا وڻ ڪٽرائڻ جو معاملو وڻ ڪرڻ سبب قبرن کي نقصان

علائقي واسين پاران سخت ڳڻتي جو اظهار

ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو کان واقعي جي نوٽيس وٺڻ، شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي لال هندي قبرستان ۾ پراڻا وڻ ڪٽرائڻ جو معاملو سامهون اچي ويو آهي، وڻ وڍڻ ۽ ڪرڻ سبب قبرن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

هيلپنگ هينڊ پاران يتيم ٻارن لاءِ ايوارڊ شو منعقد

مٺي ۾ هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاران يتيم ٻارن جي حوصلا افزائي لاءِ ايوارڊ شو منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ مختلف مقابلن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ ٻارن ۾ انعام ورهايا ويا

مٺي(ڊ.ر محمدرحيم مگريو)هيلپنگ هينڊ پاران يتيم ٻارن لاءِ ايوارڊ شو منعقد مٺي ۾ هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاران يتيم ٻارن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڳوٺ مولوي علي محمد مهيري سنهڙو شريف جي گورنمينٽ گرلز سيڪنڊري اسڪول ۾ آرٽ ۽ سائنس ميلو

گورنمنٽ گرلز سيڪنڊري اسڪول ۾ آرٽ ۽ سائنس ميلي ۾ شاگردياڻين تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو

شاگردياڻين آرٽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن سان لاڳاپيل مختلف تخليقي ۽ جديد منصوبا نمائش لاءِ پيش ڪيا

گولاڙچي (ساجداقبال راجپوت) گولاڙچي لڳ ڳوٺ مولوي علي محمد مهيري سنهڙو شريف جي گورنمنٽ گرلز سيڪنڊري اسڪول ۾ آرٽ ۽ سائن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

درگاهه حضرت شاهه نصر جو ساليانو عرس مبارڪ ۽ ميلو نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

درگاهه تي رئيس واحد بخش خان ملڪاڻي ۽ حنيف ملاح چادرون چاڙهي ميلي جي شروعات ڪئي

ميلي ۾ مڻائي ۽ منياري جي بازار هجڻ سان گڏ وڏي پنڊال ۾ عاليشان ديني محفل سجائي وئي

سجاول(رپورٽ:امتياز ميمڻ)سجاول ويجهو ٻيڙي ٽاپر لڳ درگاهه حضرت شاهه نصر جو ساليانو عرس مبارڪ ۽ ميلو نهايت عقيدت ۽ احترام سان م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

لاڙ ڪيمپس بدين ۾ لاڙ انٽرپرينئرشل گالا 2026ع آءِ ٽي نمائش ۽ علمي سرگرمين جو شاندار انعقاد

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي خاص شرڪت

لاڙ ڪيمپس کي جلد يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وينديون

بدين (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ شاگردن جي تخليقي صلاحيتن، ڪاروباري سوچ، جديد ٽيڪنالاجي ۽ علمي سرگرمين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

نان فارمل ايجوڪيشن (NFE) پروگرام تحت FAS A.R.B اسڪول عمرڪوٽ ۾ هڪ تعليمي تقريب منعقد

جنهن ۾ مختلف NFE سينٽرن جي استادن ۽ سهولتڪارن ۾ ٽيبليٽ ورهايا ويا

شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي تعليمي، ثقافتي ۽ تخليقي صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) سنڌ ڊيزرٽ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان هلندڙ نان فارمل ايجوڪيشن (NFE)پروگرام تحت FAS A/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

زرعي ڪيمپس عمرڪوٽ جي بحاليءَ لاءِ 13 ڊسمبر تي تين تلوار کان پريس ڪلب تائين شاگرد پيادل مارچ جو اعلان

10 مهينن کان ڪلاس بند، امتحان ملتوي، نئين داخلائن لاءِ رکيو 7 فارم جمع ٿيا آهن، 1200 کان وڌيڪ شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي

گذريل ڏهن مهينن کان ڪيمپس ۾ فزيڪل ڪلاس بند آهن، 6 نومبر کان شروع ٿيڻ وارا سيمسٽر ۽ مڊٽرم امتحان اڃان تائين نه ٿي سگهيا آهن

نئين داخلائن لاءِ رکيو 7 فارم جمع ٿيا آهن، جنهن سبب 1200 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعليمي مستقبل غيريقيني بڻيل آهي

ڪنري(رپورٽ ذولفقار پٽي) سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي پاران زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جي ٻئي مرحلي جو اعلان ڪندي 13 ڊسمبر تي منجهند 2 وڳي تين تلوار کان پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ پوليس مقابلو، 01 ڦورو منصور علي رند مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ

ايس ايڇ او سنجهورو محمد ياسر نواز مغل پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ معمول جي گشت تي هئا

ڪچي موڙ پرسان ٽن شڪي ماڻهن کي ڪنهن ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏسي کين آواز ڏنو

جنهن تي جوابدارن بيهڻ بدران پوليس تي فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

سانگهڙ (رپورٽر)سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ پوليس مقابلو 01 ڦورو منصور علي رند مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ. سانگهڙ: تفصيل موجب ايس ايڇ او سنجهورو محمد ياسر نواز مغل پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ معمول جي گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

وائلڊ لائف کاتي جي ويجلنس ٽيم حيدرآباد ضلعي سجاول جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني شڪار جي روڪٿام لاءِ ڪارروائي

سانير ڊنڊ، قادري ايريا ۽ چڇ جهان خان سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون

40 شڪاري جار ۽ 12 جيئرا پکي تحويل ۾ ورتا ويا. سنڌ وائلڊ لائف کاتي پاران واضح ڪيو

سجاول (رپورٽر) چيف ڪنزرويٽر وائلڊ لائف سنڌ جاويد مهر ۽ ڊپٽي ڪنزرويٽر وائلڊ لائف حيدرآباد ڊويزن واجد علي شيخ جي خاص هدايتن ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

يوسي جورياسر ۾ چيئرمين جي سيٽ لاءِ ٿيل ننڍي چونڊ ۾ پ پ اميدوار رافع ڏونڪائي 2171 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو

آزاد اميدوار شهباز جت 822 ووٽ کڻي سگهيو، ننڍي چونڊ ۾ 7500 مسن صرف 2993 ووٽرن پنهنجو حق استعمال ڪيو

جنهن جي غيرحتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب 7 هزار 5 سئو ووٽرن مان 2 هزار 9 سئو 93 ووٽرن پنهنجو حق استعمال ڪيو

جن مان پ پ پاران نامزد اميدوار ايڊوڪيٽ رافع ڏونڪائي 2171 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد جي يوسي جورياسر ۾ چيئرمين جي سيٽ لاءِ ٿيل ننڍي چونڊ ۾ پ پ اميدوار رافع ڏونڪائي 2171 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو، آزاد اميدوار شهباز جت 822 ووٽ کڻي سگهيو، ننڍي چونڊ ۾ 750/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

نوابشاهه ۾ سنڌ اسٽريم جيورني 2026 کان 2027 ڪلاس روم کان ڪوسموس جي عنوان هيٺ اسٽريم سائنسي ميلو لڳايو ويو

اسڪولي شاگردياڻين پاران رياضي، سائنس، ثقافتي، ڳوٺاڻي ماحول ۽ عمر ماروي سميت مختلف خوبصورت ماڊلز تيار ڪيا ويا

شازيه جتوئي سميت مختلف اسڪولن جي فوڪل پرسن ۽ اسڪول ٽيچرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سائنسي ميلو لڳائڻ جو خاص مقصد ٻارن ۾ لڪيل صلاحيتون ظاهر ڪري دنيا کي ڏيکارڻ آهي ته انهن جون لڪيل صلاحيتون دنيا آڏو ظاهر ٿي سگهن

نوابشاهه (رپورٽر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول غلام حيدر شاهه ڪالوني ۾ سنڌ اسٽريم جيورني 2026 کان 2027 ڪلاس روم کان ڪوسموس جي عنوان هيٺ اسٽريم سائنسي ميلو لڳايو ويو. جڏهن ته اسڪولي شاگردياڻين پاران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

نوابشاهه ۾ سنڌ اسٽريم جيورني 2026 کان 2027 ڪلاس روم کان ڪوسموس جي عنوان هيٺ اسٽريم سائنسي ميلو لڳايو ويو

تعلقي ٿاڻي جي حد ڏاڏا مل پرسان ڳوٺ مريد زرداري جي رهواسين جو احتجاج

نوابشاهه (رپورٽر) تعلقي ٿاڻي جي حد ڏاڏا مل پرسان ڳوٺ مريد زرداري جي رهواسي بن پائرن علي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

نوجوان صحافي عبدالوحيد بروهي تي شيخ پرڪيو ٿاڻي ويجهو حملو، حملي ۾ صحافي زخمي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) نوجوان صحافي عبدالوحيد بروهي تي شيخ پرڪيو ٿاڻي ويجهو حملو ح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

صحتمند معاشرو روشن مستقبل جي ضمانت آهي: مصطفيٰ بلال

عوامي صحت جو تحفظ ۽ بيمارين کان بچاءُ جو شعور بيدار ڪرڻ گڏيل ذميواري آهي، خطاب

تقريب ۾ حيدرآباد جي سياسي، سماجي، طبي، ڪاروباري ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ معزز شخصيتن، ڊاڪٽرن، نرسن، شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

شگر هڪ خاموش بيماري آهي، جيڪا وقت سر تشخيص نه ٿيڻ جي صورت ۾ دل، گردن، اکين ۽ نسن کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) چيئرمين ميان سرفراز ٽائون حيدرآباد ستي مصطفيٰ بلال شيخ عالمي يوم ذيابطيس جي حوالي سان ميمڻ چيريٽيبل اسپتال ۽ شاهين اقبال ڊائبيٽيز اينڊ اينڊوڪرائن سينٽر جي زير اهتمام منعقد ٿيل خصوصي آگاهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سانگهڙ ٿاڻي جي پوليس جي وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي بلوچستان جا 02 منشيات فروش گرفتار

80 هزار پڙيون آداب گٽڪو هٿ منشيات جي ڪٽڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار ڪي به قبضي پوليس ۾ ڦر ڪيل موٽرسائيڪل هٿ، ڦورو گرفتار

هڪ ڏوهاري بنا لائسنس پسٽل سميت گرفتار، موٽرسائيڪل قبضي پوليس ۾ شراب جي ڀٽي تي ڇاپو

ڏوهاري عناصرن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪامياب ڪارروايون ڪيون ويون ايس ايڇ او سانگهڙ گلزار علي مري وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ ٿاڻي جي پوليس جي وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي بلوچستان جا 02 منشيات فروش گرفتار 80 هزار پڙيون آداب گٽڪو هٿ منشيات جي ڪٽڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار ڪي به قبضي پوليس ۾ ڦر ڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سانگهڙ ٿاڻي جي پوليس جي وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي بلوچستان جا 02 منشيات فروش گرفتار ڪندي

جهيمل شاخ ۾ پاڻيءَ جي مبينا هٽرادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف آبادگارن جو احتجاج

نوابشاهه (رپورٽر) جهيمل شاخ ۾ پاڻيءَ جي مبينا هٽرادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف آبادگارن امير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

جئي پرڪاش مينگهواڙ جي موت بابت ميڊيا ۾ خبرون شايع ٿيڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري نوٽيس ورتو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر)ٽنڊوالهيار جي ٻن نوجوانن شيراز اقبال جروار ۽ اسڪول ٽيچر جئي پرڪاش مينگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

حضرت سخي لعل شهباز قلندر ۾ ترقياتي ڪم دوران غير قانوني تعمير تي مومن سخت پريشاني ۽ احتجاج ڪرڻ تي مجبور

علمدار صحن محرم، چهلم ۽ ٻين ماتمي جلوسن لاءِ گذرگاهه آهي، جتان وڏي تعداد ۾ ماتمي جلوس نڪرندا آهن

بدقسمتي سان هن جاءِ تي هڪ گيٽ ناهي تاريخي گذرگاهه کي تنگ ڪيو پيو وڃي

سيوهڻ (رپورٽر) حضرت سخي لعل شهباز قلندر رحمت الله عليه جي درگاهه سيوهڻ جي قديم عالم پاڪ جي علمدار صحن ۾ ترقياتي ڪم دوران غير قانوني تعمير تي مومن سخت پريشاني ۽ احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن، علمدار صحن محرم، چهلم ۽ ٻين ماتمي جلوسن لاءِ گذرگاهه آهي، جتان وڏي تعداد ۾ ماتمي جلوس نڪرندا آهن. بدقسمتي سان هن جاءِ ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32



پاڪستان ڀڳهيو ويلفيئر فائونڊيشن جي ستين سالگره جو شاندار پروگرام جي تقريب منعقد

پاڪستان ڀڳهيو ويلفيئر فائونڊيشن جي 7 هين سالگره جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن جي ميزباني حاجي محمد عمر ڀڳهيو جي اوطاق عمرآباد، ضلعي ميرپورخاص ۾ ڪئي وئي

ميرپورخاص (رپورٽر)پاڪستان ڀڳهيو ويلفيئر فائونڊيشن جي ستين سالگره جو شاندار پروگرام پاڪستان ڀڳهيو ويلفيئر فائونڊيشن جي 7 هين سالگره جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن جي ميزباني حاجي م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33